بلومل اديب ڇلال

موڪ مسافر



سنت شري آشارام صاحب

موٽيرا روڊ، سابرمتي،
احمد آباد - ٣٨٠٠٠٥

महक मुसाफिर

MAHAK - MUSAFIR

By Sant Shri Asharamji Maharaj

مهڪ مسافر

پرم پوجيه سنت شري آسارام مهاراج جن
جي امرت واڻي

هنديءَ ۾ ڇپائيندڙ :- شري يوگ ويدانت سيوا سمتي
سنت شري آسارام آشرم
موٽيرا روڊ - سابرمتي
احمدآباد - ٣٨٠٠٠٥.

سنڌيءَ ۾ ترجمان :- سوڀو رامچنداڻي "عيش"
جهمون رامچند ڇُگاڻي
ٻيراڳڙه (ڀوپال).

ڇاپو پهريون]   [ڪاپيون ١٠٠٠

پيسا :- ٥/= روپيو

ڇپائيندڙ :- پارس مل چتواڻي
سيڪريٽري شري يوگ ويدانت سيوا سمتي
جي وارڊ نمبر ٧، ڪوارٽر نمبر ١١-١٢
Block G-7 Quarter No: 11-12
گرلس اسڪول جي سامهون،
ٻيراڳڙه (ڀوپال) PIN-462-030

انوادڪن جا ٻه اکر

"مهڪ مسافر" سنت شرومڻي شري آشارام مهاراج جن جي امرت واڻي آهي. جيڪي امرت وچن سوامي جن چيا آهن سي هن ڪتاب ۾ هنديءَ مان اُلٿو ڪيا ويا آهن. سائين آشارام مهاراج جن جي ڪرپا سان اسان سندن امرت واڻيءَ کي هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خبر نه آهي ته ڪيتري قدر ان ڏس ۾ پار موڪيو اٿئون. اهو هڪ ته سائينجن جاڻن ٿا ۽ ٻيو هن پوتر پستڪ کي پڙهندڙ ساڌڪ. اسان پنهنجيءَ ٻڌيءَ آهر پوري ڪوشش ڪئي آهي ته سائينجن جا امرت وچن جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ ودانت آهن، جيڪا هڪ امر واڻي آهي، اسان هو بهو توهان اڳيان پيش ڪري سگهون. ڪاٿ ڪمي رهجي وئي هجي ته پنهنجا ٻالڪ سمجهي ڪميا ڪندا.

اُميد اٿئون ته، هيءَ ننڍڙي ۽ نماڻي ڪوشش سائينجن جي در قبول پوندي ۽ توهان سڀني کي پسند ايندي.

شال انيڪ ڀائر ۽ ڀينر هن پستڪ جي امرت واڻي پڙهي سمجهي ۽ عمل ڪري هن ڀو ساگر مان تري پار پون.

انهن ئي ڀاو ڀاونائن سان
داس صوڀو رامچنداڻي "عيش"
داس جهمون رامچند ڇڳاڻي.
ٻڌراڙه (ڀوپال)

ٻه اکر

ڪي اھڙا سنت پُرش ٿا آھن جن جي پرم وھ
سان ۽ جن جي ديدار سان ئي پرم آنند جي انوڀو
ٿي ٿئي. جن جي ھاو ڀاو، چال ڍال سان، جن ج
منڙيءَ امرت واڻيءَ سان ۽ جن جي چوطرف ڦھلا
ھوا جي مستيءَ مان پرم پتا پرميشور، الک نرنجن جو
خبرون ٿيون ملن. انھن جي ڪرپا درشٽي ماٺر سا
سنسار ۾ اُلجھيل انسان ٻه پنھنجي آڌياتمڪ ماٺرا ڏانھ
ھلڻ لڳي ٿو.

اھڙي ئي ھڪ مھاپُرش جي امرت واڻي ھن ننڍڙ
پستڪ ۾ آھي. سندن واڻيءَ جو ھڪ ھڪ لفظ ھ
چٽڪو آھي جنھن ۾ اُلجھيل دلين کي ورتي پرڪاش
ڪرڻ جو انمت تيج پنھنجو پاڻ ۾ لڪل آھي.
پرم پوڄيہ سنت شري آشارام جن جو ساڪشات در
ڪيو آھي سي ته لاڀ وٺن ئي پيا پر جيڪي ا
ڪان اڃا ڏور آھن ان لاءِ ھيءَ سندن امرت واڻ
روڀي پرساد سچ پچ امرت جو ڪم ڪندو. سندن ام
واڻيءَ جي ھڪ ھڪ لفظ مان آڌياتمڪ خزانو ۽ اُپنش
جو سار پيو ٽپڪي. انھيءَ جو توھانکي پاڻ احس
ٿيندو - انھيءَ وشواس سان.

شري يوگ ويدانت سيوا سمت

سنت شري آشارام آشرم سابرمتي

ψ موڪ مسافر ψ

विश्व स्फुरिह यनेहं तरगा इव सागरे
तत्वमेव न संदेहश्चिन्मूर्ते विज्वरो भव
श्रद्दत्सव तान श्रद्दत्सव नात्र मोह कुरुष्व भा:
ज्ञानस्वरुपो भगवानात्मा त्व प्रकृते पर:

[अष्टावक्र गीता]

جنهن هنن هيءَ سنسار ساوندي لهرن جيئان هلندڙ هوندو آهي سو تون ئي آهين. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي. هي چيتنيه روپ سنتاپ کان آجو رهه. هي سوميه هي پيارا شردا ڪر شردا ڪر. انهيءَ ۾ موهه نه ڪر. تون گيان روپي ايشور پرماتما پرڪرتيءَ کان پري آهين.

جي تون پنهنجي پاڻکي جسم سان جوڙيو ته پوءِ تو ۾ ڀؤ ضرور پيدا ٿيندو ڇو ته جسم لاءِ موت اٽل آهي؛ جسم جو بدلاءُ لازمي. انهيءَ کي خود برهما به روڪي نه سگهي. پر جي تون پنهنجي پاڻکي - پنهنجي آتم

ڪو ڪو رڳو سُڃاڻي :-

منهنجو ست چت آنند روپ ڪو ڪو رڳو سُڃاڻي

دوئت وچن جو آنند درشنا، من واڻيءَ جو مان ڪي سرشٽا
مان ئي سڀ ڪجهه ڏسان پڌان پيو آهيو پرڪو ڪو ڄاڻي 1
منهنجو ست چت آنند روپ......

جسم پنهنجي آنند نيارو، تنهي اوستائن کان نيارو
مان آتم، مان انهو وارو، سمجهو رڳو سُڃاڻي 2
منهنجو ست چت آنند روپ......

آفتاب ۾ تيج آ منهنجو، ماهتاب ۾ اوج آ منهنجو
تپش باهه ۾ آهي منهنجي، رنگت منهنجي گل ماڻي 3
منهنجو ست چت آنند روپ......

جنم مرڻ نا ڌرم آ منهنجو، پاپ ۽ پُن پڻ ڪرم نه منهنجو
مان نرليپ ۽ مان نرموهي، مون سمجهو آهي ماڻي 4
منهنجو ست چت آنند روپ......

تنهن لوڪن جو آنند سوامي، گهٽ گهٽ واسي انترجامي
جيئن مالها ۾ ڌاڳو تيئن ڪئي سڀاڻو ڪوئي سڃاڻي 5
منهنجو ست چت آنند روپ......

تون پرميشور پاڻ ڪي آهين - جسم پڙهن ۾ پيهه ڇو پائين
تون خود برهما، تون خود وشنو، سمجهه تون خود شو هاڻي 6
منهنجو ست چت آنند روپ......

ॐ شري رام ॐ شري رام ॐ شري رام.

ضرورت ئي ڪونہ آهي.

چنتا، ڀؤ، وياڪلتا ۽ تڪليف کي ڦٽو ڪر. اوڏانهن ڌيان ئي نہ ڏي. بيماريءَ ۾ تنهنجي سڀئي شڪتي سمايل آهي. تنهن ڪري بالڪل بيمار پوڻيءَ. پوءِ تنهنجو ڪير ڪجهہ ڪونہ بگاڙي سگهندو.

دنيا تان ڌيان هٽائڻ ساڌنا جي بلند چوٽي آهي. جتي تو لاءِ پهچڻ ضروري آهي. مرڻ کان اڳ جسم جي موهہ کان بہ پار پوڻو آهي، نہ تہ وڪار ۽ ڪرمن جون ڪڙيون تنهنجي پٺ آهل ڪونہ ڇڏينديون ۽ نہ وري تنهنجي هردي ۾ ايشور جي آراڌنا جا گيت ئي گونجندا نہ تون پرماتما جو ديدار ئي ڪري سگهندين. جيستائين هن هڏن، ماس ۽ چم جي جسم کي "مان" سمجهي رهندين تيستائين بد قسمتي تنهنجي پٺ ڪونہ ڇڏيندي. انسان جو دوڀاڳ آهي جنم مرڻ جو بندن.

هڪ ڏينهن هيءُ سڀ هٿ ڇڏي هليو ويندين ۽ پاڻہ پوندءُ رڳو پڇتاءُ. تنهن کان اڳ ئي پنهنجي موهہ ۽ ممتا روپي بندن کي وويڪ روپي خنجر سان ڪٽيندو رهہ. ٻاهرئين ٻنڌن ٽال پنهنجي دوستن کي دوست ۽ مائٽن کي مائٽ سمجهہ پر هردي ۾ اهو هردم هنڌاءِ تہ نڪو سچو ڪو يار آهي ۽ نہ ڪو سچو سنبندي. ڇو تہ آخر سڀ ساٿ ڇڏي ويندا. منهنجو تہ سچو ساٿي، سڪا سنبندي اهو ئي آهي جو انت ڏاڍين تہ ڇا پر مرڻ

سروپ کي سڃاڻو آهي ۽ تنهنجو انهيءَ ۾ عقيدو آهي
ته تون ايڏو وڏو آهين، تو مان ٻئو نڪري ويندو ڇو ته آتما
امر آهي، آتما کي ڪال ڇا ڪندو. موت پاڻ انهيءَ
آتما جي سروپ کان ڏاڍو ڊڪي.

سک ۽ ڏک جا درشن ته پيا ايندا ۽ ويندا. پردي کي
ڇا آهي؟ گهٽيئي فانوس ۽ انهن جا نظارا آيا ۽ ويا، پر
پردو اُتيئي پنهنجيءَ جاءِ ۾ بيٺو آهي. تون به چالي
ٿو ڪري چئو، "سک پيا ڏکي، ويندڙ پيا اٿندڙ؛ جنهن کي
اچڻو هجي سو اچي ۽ جنهن کي وڃڻو هجي سو وڃي.
مونکي ڪابه چنتا نه آهي" سنسار جي ڪنهن به نظاري
کي حقيقت نه سمجهه، پنهنجيءَ مستيءَ ۾ مست رهه.
بس تماشبين بڻجي سنسارڪ نظارن جو ڏسندڙ ديدار ڪر

باهر ڪهڙي به گهٽنا ٿي هجي. ڪابه واردات ٿئي
اها پاڻ ڪيترو به تنهنجي سڀاءَ جي خلاف هجي
ڏکي ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. ڇو ته اها بس نيٺ
تنهنجي ئي فائدي لاءِ پيش ٿئي. جيئن تون پنهنجي
ڀائيم ئي رهين ته توکي مليل سراپ به تو لاءِ وردان ثابت
پوندو. هميشه اهو ڌيان رک. اُرونشيءَ ارجن کي سراپ
ڏنو هئو ته تون سڄو سال نپنسڪ رهندين. پر اهو
سراپ به ارجن لاءِ سندس بنواس وقت وردان ثابت ٿيو

خلافت کان نه ڊڄ. سدائين شانت بيٺو ٿي
ڀيانڪ نظارا ڏسو خواب آهن ۽ خواب کان ڊڄڻ جي

ڻ ۽ ڳولهڻ لاءِ ۽ پاڻکي پائڻ لاءِ. ڪنهن جي مجال
هي جو هن جسم جي وقت ۽ طاقت کي ۽ ڪي ڪجهه
ڪري سگهڻ جي شڪتيءَ کي ڪير چوسي ۽ نچوڙي
سگهي جو مان آتم گيان پائڻ ۽ آتم درشن جي مهان
ڪش ڏانهن پهچڻ کان وانجهجي وڃان! مٽن مائٽن ،
رن ۽ دوستن، رشتن ۽ ناتن کي اهڙي اهميت نه
ي جو هو تنهنجيءَ سچيءَ ساڌنا جي آڏو اچن.
تنهنجو خاص مقصد ته ساڌنا آهي. باقي ٻيا سڀ ڪم
وءِ. جو ته سواءِ ساڌنا جي ٻيا سڀ ڪم منهنجا داس
آهن. منهنجا غلام آهن. اهڙو محڪم ارادو رکه ۽
تنهنجيءَ راهه تي اڳتي وک وڌائيندو رهه. تنهنجا قدم
هڪ ڏينهن توکي تنهنجي منزل ڏانهن ضرور پهچائيندا.

ڪنهن به قسم جي سهوليت جي آس نه ڪر. سنسار
جي معمولي وشين کي پائڻ جي ڪامنا نه ڪر. وشين
کي پائڻ جي ڪامنا نه ڪر. وشين جي ڪامنا ڪهڙي
به هجي توکي اپالو بڻائيندي. تون ولهارو ٿي پوندين.
۽ اهڙن اپالن کي ايشور ڪونه ملندو آهي. ڪمزور
آتما پرماتما کي ڪٿان پائي سگهندا آهن. تنهنڪري
ايشور جي آراڌنا ڪرڻي آهي ته خود ايشور بڻجي
ڪر. داسن جي پوڄا خود داس بڻجي ڪر. جيئن پرم
پتا پرميشور واسنا رهت آهي ۽ نرليپ آهي، آنند-
سروپ آهي تيئن تون به نرواسنڪ، نرليپ ٿي آنند ۾

پڄاڻا ۽ منهنجو ساٿ نہ ڇڏيندو.

دنيا ۾ هيمتا پاپ آهي. تون تہ موت کي بہ ٽيٽ پيو ٿي ڇڏ نہ هي ڪال! تون منهنجو جسم تہ مونکان ڦري سگهين ٿو پر مونکي ڪجھ ڪري نٿو سگهين. تون ڇا ٻڌائيندين مونکي!! هيءُ سنسار جيون رنگينيون، سنسار جا پرلوڀ ۽ موھ مونکي هيٺ ڀُلائي ۽ ڀٽڪائي نٿا سگهن. مونکي منجهائي نٿا سگهن. ڇو تہ مان انهن جي اصليت سمجهي چڪو آهيان. هيءُ سنسار جا ڏک ۽ سک، رسمون ۽ رواج مونکي هيٺ نچائي ڪين سگهندا. ڇو تہ مان اڳچار ڪنهن ٽي بہ قدم رکي وڪ وڌائي سگهان ٿو. هزارين لاهين ۽ چاڙهين ير ا... گيان روڀي اکين سان ڏسي سگهان ٿو. مان تہ آتما آهيان. آتما کي ڪنهن جو ڊپ؟ آتما کي ڇا جو پوءِ آتما جو نہ ڪڏهن ڪجھ بگڙيو آهي ۽ نہ بگڙجندو آتما کي نہ ڪجھ ٿيو آهي ۽ نہ وري ڪجھ ٿيندو شاباس آهي! شاباس آهي!! شاباس آهي!!!

ڪنهن جي موھ ۽ ممتا ڪان پاڻکي پري رک... اهو محڪم اِهو اٽوٽ سنڪلپ ڪر تہ هيءُ ناسونت شرير نہ منهنجي پنهنجي ۽ پريوار لاءِ آهي ۽ نہ ور... گهر ۽ دڪان لاءِ آهي. ۽ نہ وري دنيا جي بيسود معمولي شين کي گڏ ڪري جوڙي رکڻ لاءِ. هيءُ انمو... ۽ دُرلڀ شرير تہ آهي آتم گيان پائڻ لاءِ. پنهنجي پاڻکي

پوي ته اهو سندس در پاڳ آهي. ها انهن سڀني
ستائر نيڻ جو پونگه نه ڪري سگهن ٿو. اهڙو
نه ڪري سگهن ٿو پر جي سچ پچ انهن ۾ الجهي
هن ته پڪ ڄاڻ ته ٿهنجو اگيان اڄا جاري آهي.
پنهنجو پاڻ ۾ نه آهن.

ڪڏهن اداس نه ٿيءُ. سدائين خوش رهه. سدائين
و رهه. تون نه خود ئي آنند سروپ آهين. پوءِ ڏک
غم ڇو. تو لاءِ ڇاوا ئي ڪونه آهن. اها پڪ ڄاڻ
پنهنجي سڀاءُ ۾ سدائين مست رهه. سڄو سنسار ٿهنجي
ر رچنا آهي. ست پرش ايهيءَ ڳالهه جو آزمودو ڪيو
. مها پرش انهيءَ ڳالهه جي حمايت ڪئي آهي.
ته تون پنهنجو پاڻ ڪان، پنهنجيءَ ڪريا ۽ ڪرمن
پيو ته جيئن پنهنجي پاڻ کان پيو گهبرائين. سڀني
پولا ڪڍي ڦٽا ڪر. ڪنهن به چنتا کي، ڏک کي،
کي ۽ پوءِ کي پرسان اچڻ ئي نه ڏي. اڙي تون ته
هن سنسار جو شهنشاهه آهين. تون ته پاڻ پرميشور
ن. پنهنجيءَ الوڪڪ شڪتيءَ ۽ پاڻ ۾ ايشور تتو جو
ساس ڪر.

پنهنجو پاڻ ۾ ايشور جو احساس ڪر ته توکي ڪوبه
سان پڇاڻي ڪرڻ سگهندو. سڀئي اوتار، ڏيوتا ۽
ڏانون ٿهنجيءَ پيٽ ۾ توکان گهٽ آهن. تو پنهنجيءَ
لپنا سان انهن کي وڏو بڻايو آهي. ۽ انهيءَ ڪري

رهي. اهائي ايشور جي اُپاسنا آهي. پرماتما جو
پوڄا آهي.

تو پنهنجيءَ مهما کي نه سڃاتو آهي. تون پنهنجي
وڏائيءَ کان به واقف نه آهين ۽ اهوئي سبب آهي
هر ڳالهه توتي پنهنجو اثر ٿي ڪري. تون ڪڏ
مسخرن ته ڪڏهن پهلوانن، ڪڏهن بازيگرن ته ڪڏ
جادوگرن، ڪڏهن ودوانن جي وائيءَ سان ته ڪڏ
جوتشين جي اڳڪٿيءَ سان، ڪڏهن مردن ته ڪڏ
عورتن سان ۽ ڪڏهن ته وري سئنيما جي پڙدي
هلندڙ ڪوڙن نظارن سان به متاثر ٿي تو وڃين. انهي
جو سبب رڳو اهو آهي ته تو پنهنجو پاڻ کي سڃ
ڪونه آهي. پنهنجي اصلي سروپ کي سمجهيو
ڪونه آهي.

تو ۾ جو تون وٽو آهين اُنهيءَ کان به تون بي
آهين. اڄ پنهنجي ئي سروپ ۾ اهڙا سڀئي ودوا
ايڪ جادوگر ۽ بازيگر، پنڊت ۽ پهلوان، هز
جوتشي ۽ ايڪ پرش ۽ استريون سمايل آهن. سـ
۾ ئي آهي. توکان ٻاهر ڪجهه ڪونه آهي. جي
ڪنهن به ٻاهرئين انسان يا حالات جي اثر هيٺ آ
ته پڪ سمجهه ته تون مالڪ هوندي به نوڪر آه
سوامي هوندي به داس آهين. راندبگر پنهنجي
رچيل راند ۾ اُلجهي پوي، تماشبين پاڻ ئي تما

...ري طاقت، ايشور جي اپار شڪتي تنهنجي سامهون
...نهنجيءَ مدد لاءِ بيٺي آهي. ڪوڙين سنسڪارن کي
...اڙي ڇڏ. پنهنجي هيڻن وچارن کي ماري مهان
...ج. وچار ڪر ته سنسار منهنجي ئي سنڪلپ سان
...ٺيو آهي. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته، مان ئي جڳت
...تا آهيان. مان ئي پوڄنيه سرشٽ گرو آهيان. سنسار
...انسان جو آرام گاهه آهي. انسان هڪ وشال وڻ آهي،
...جنهن ۾ آتما جو واس آهي.

جنهن جو آڪار آهي سو ڪوڙ آهي، جنهن جو آڪار
... آهي سو سچ آهي. سڄو جڳت نرآڪار آهي. سڄي
...جڳت کي شو سمجهه.

وواڌن ڪرڻ جي ضرورت نه آهي،
تون شڪ شبها شنڪا ڇڏ سڀ مٿائي،
تون نشڪام ٿيءُ ٻيڙو ۽ بيچنتا،
تيرڻ ڏي ٿڌي جو ڀا ٺيڪو جو آهي.

جڙ چيتن، استاور جنگم، سڄو چراچر جڳت هڪ
...رهم آهي ۽ اهو برهما مان آهيان. هيءُ سڀ منهنجو
...ي سروپ آهي. ٻيو ڪجهه ڪونه آهي.

جيڪي ڪجهه تون ڏسين ٿو سو سڀ تون ئي آهين.
...اجا ديو ديوتائون به تو اڳيان ٺهي ڪونه سگهندا.
...نهنجي ڪم ۾ وگهن وجهڻ جي سمرٿي ڪنهن ۾ آهيئي
...ڪونه. انهن جا ڀرم ۽ ڀولا، شڪ ۽ شنڪائون تنهنجي

توکي اهي توکان وڏا پيا لڳن، رام ۽ رحيم ته تنهن-
سيوڪ آهن. توکان وڏو ڪير ڪونهي. ٻاهرين ما
۾، ٻاهرين حالتن ۾ اهڙو دم ڪونهي جو توکي لاچار
سگهن. جيستائين تنهنجي اندر ڊپ ڪونه آهي [2] تيستائ
ڪنهن به شڪتيءَ ۾ توکي لاچارڻ جي همت ڪ
آهي. جيڪو خود راجا آهي، خود حالتن کي هلا
وارو آهي، جيڪو سڀني کي هلائي ٿو ۽ سڀني ج
خالق مددڳار آهي تنهن کي ڀلا هڪ پل لاءِ به ڪير ڏوڙائ
سگهندو؟ حالتن کان ڊڄڻ پنهنجي پاڇي کان ڊڄ
مثل آهي.

تون محسوس ڪر ته هيءَ سڄي رچنا ئي منهنج
رچيل آهي. سنسار نه هو، نه آهي ۽ نه وري رهند
اهو پڪ ڄاڻ. پاڻ کي گهٽ سمجهڻ، پاڻ کي ڏ
هيڻو سمجهڻ ۽ حالتن اڳيان جهڪڻ پنهنجي
آتما کي مارڻ مثل آهي. اهو ورلاڪ جو ڪوس ڪر
آهي. تون ته الوڪڪ شڪتي آهي. تون دئوي شڪتي
جو مالڪ آهين جنهن سان تون جيڪو چاهين ڪري
سگهين ٿو. تون هر حالت کي بدلائي سگهين ٿو. حالتن
کي بدلائڻ صرف تنهنجي ئي هٿن ۾ آهي.

تون نه ڏکي آهين نه هيڻو آهين. تون سمرٿ آهين
خود پرماتما آهين. تون ڪمزور نه آهين. ننڍو نه آهين
ڪنهن کان گهٽ نه آهين. تون ته سرو شڪتيوان آهين

ڪر. جنهن خيال مان ڏيپ ۽ چنتا ٿئي انهيءَ خيال
کي ڇڏڻ ته سک ئي سک آهي. شانتي ئي شانتي. جي
ڪوئي سکي ۽ شانت زندگيءَ جو مزو وٺڻو آهي ته
مستقبل جو ويچار ڇڏ. سچائي تنهنجو شڪمي ٿيندو اهڙو
اٽل وشواس سدائين من ۾ ڌار.

جيڪو پاڻ کان سواءِ ٻئي کي ڪرين سچائي اُهو
ڀرم آهي. پنهنجي ويچارن جو ڦهلاءُ ئي سنسار آهي.
اها حقيقت آهي ته سڄو سنسار توکان الڳ نه آهي.
تنهن ڪري انهيءَ کان ڊڄڻ جي ڪا ضرورت نه آهي.
سنسار کي اندرئين اک سان ڏس. آتمڪ گيان سان ڏس
ته توکي نڪو ورونڌ نظر ايندو ۽ نه گهڻي ۽ فڪر
۽ نه وري الڳتا ۽ دويش.

آتمڪ شانتي انهن کي ئي نصيب ٿيندي آهي
جن پنهنجو پاڻ ۾ پنهنجي چت جي ٽڪاوٽ ڪئي ٿيائيو
آهي. تون جيترو سڀ جو ڀلو سوچيندين سنسار اوترو ئي
تنهنجي چرنن ۾ ايندو.

اڄ ڏائين تو رڳو مندرن ۽ مسجدن تي مٿو رڳڙيو
آهي ۽ رڳو ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪئي اٿيئي.
جي ڪنهن سٽ پرش سان انترمک ٿيڻ سکين ان جو
اڀياس ڪندين ته ديوين ۽ ديوتائون به تنهنجو ديدار
ڪرڻ پاڻ ايندا.

پرڀات ويلي ساڌڪ کي جهڪا پرڪاش ملندي آهي

جيون کي ناس پيا ڪن. پوءِ پرم کي جيترو هردي
۾ جاءِ ڏيندين اوترو ئي تون پنهنجي ترقيءَ کان پري پوندين.

هر حال ۾ ساڳيو ئي رهڻ وڏي تپسيا آهي. انهيءَ
کان وڏي ڪا تپسيا ڪانه آهي. سدائين خوش رهڻ
جي ڪُنجيءَ جهڙي ٻي ڪا ڪنجي ڪونهي ۽ آ
گيان جهڙو گيان ٻيو ڪو آهيئي ڪونه. انهيءَ گيان
اڳيان ٻيا سڀ گيان ڦڪا آهن، اڻپورا آهن، اڌورا آهن

تنهنجي ئي سروپ کان ٻاهر هيءُ سڀ ۽ چنڊ
تارا ڦرن پيا، هوائون به پيئون هلن، ڪڪر ڦسن
ڪنڊ ڪئي پيئڙي، مندون اچن ٿيون، وقت سان پنهنجو
رنگ پيئون بدلين. سورج رات ۽ ڏينهن پيو ناهي
انهيءَ آتما کي ڇڏي ٻين سان ڪيستائين دوستي
ڪندين، پنهنجو گهر ڇڏي ٻين جو گهر ڪيستائين
وسائيندين، پنهنجي محبوب کي، پنهنجي عاشق کي
ڇڏي ڪيستائين ٻين سان ملندين؟

جيڪو هڪ سان پريم ڪندو ۽ ٻين سان دوئي
ڪندو سچ پچو ته اهو پريم نه پر موهه آهي. ڇو ته ڏيا
پرم پراپتي آهي..... جيون مڪت آهي.

نه وناش آهي نه اُتپتي، نه پرماتما آهي ۽ نه ساڌ
نه ڪو بندل آهي ۽ نه ڪوئي مڪت. اهوئي آ
پرمارٿ. سدائين سنو ڏس ته چت پنهنجو پاڻ شا
رهندو. جنهن ڪم کان چت ڇرڪي اهو ڪم ئي

. دنيوي رِشتا ناتا توڙي سنسار ۾ اُلجهائيندا، توڙي
ڪائيندا، توڙي ڏکي ڪندا، پر گروهه جي ڳجهي توڙي
تا ڪان ڇڏائيندي ڌانهن وٺي ويندي. گرو توکي تنهنجي
روپ جي واجهو وٺي ويندو ۽ تنهنجا ڏکـ تنهنجون
ستائون ۽ تنهنجي جڙتا دور ڪندو.

گروهه سان شڪايت نه ڪجائه. اُنهيءَ کي ته پنهنجو
ط ارپڻ ڪر. شڪايتن سان تون نفعي کان وانجهي
يندين. گروهه جو من اُتر ۽ نِرمل ۽ صاف هوندو آهي
سو تنهنجو عڪس اُنهيءَ ۾ صاف نظر ايندو. جهڙي
اونا رکندين اهائي تنهنجي اڳيان ايندي. گروهه جي
ردي ۾ اوڳڻ ڏسندين ته تون به دوشي ٿيندين. جي
ڻ ڏسندين ته تو ۾ به گڻن جا ڀنڊار ڀرجي ويندا پر
روهه کي نِرگڻ سمجهي سندس آڳيا پالن ڪندين ته
ون به هڪ ڏينهن سڀني گڻن کان ترِي پار پوندين.

جيڪو وقت ستگروهه جي شيوا ۽ اڀياس ڳجهيءَ ۽
ستسنگ ۾ گذاريو آهي اُهو جيڪڏهن تو سنسار جي جڙ
يدارٿن ۾ لڳايو ته تنهنجا وِچار ٻه. اِستول ٿي ويندا.
جي تو ماڻا موهه ۾ ڦاسي پنهنجي سمرٿي، پنهنجي شڪتي
۽ پنهنجي سَتا پنهنجي هِتُن ۽ ماڻن ۾ وڃائي ته پاڻ
ڪـ هڪ نه هڪ ڏينهن تون نوڪر ڪائيندين، تنهنجا
سنگي ۽ ساٿي هڪ ڏينهن توکي ڇڏيندا ۽ تون ڏکي
ٿيندين ۽ پوءِ تنهنجو پڇتائڻ ضرور ٿيندو. جيترو ٿي سگهي

سا سدائين شپ هوندي آهي. ڪڏهن به دنيوي
پريشانين ۾ ڦاسين ٿا. منجهيل من سان ڪوبه فيصلو نه
ڪجائي. آسر جي وڌايي اُٿي، اشنان وغيره ڪري ڪنهن
پوتر جڳهه تي اوڀر طرف منهن ڪري ويهه ۽ جنهن به
اشٽ ۾ توهانجي شردا هجي تنهن کي سچي هردي
سان من مان ملينتا ڪيري ڇڏ ته هي پريو موکي
صحيح راه ڏيکار، موکي سد پرارٿنا ڏي. مان ته ڪو
به فيصلو ڪرڻ جي قابل نه آهيان. نردوش ويچارن
سان ڪيل پرارٿنا مان هميشه صحيح پرارٿنا اُي ملندي.

جسم کي ته مرڻو آهي ۽ اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي.
پر شردا جو موت ٿيڻو ته سمجهه سنياناس. ڏه سال توهان
گروه جي آگيا ۾ رهه پر جي توهانجي شردا وڌي ۽ وشواس
اڌيو ته توهان وري اچي واپس هليو ويندان جتي توهان
ڏه سال اڳ هئين.

توهان پنهنجي ڪئي سان اُي پاڻ کي پنهنجي گروه
جي ويجهو ۽ گروه کان پري محسوس ٿو ڪريو. گروه
ته نه ڪنهن کي ويجهو آڻيندو آهي ۽ نه وري پاڻ کي
ڪنهن کان پري اُي ڪندو آهي. توهانجي شردا....
توهانجو وشواس اُي توهانکي پنهنجي گروه کان پري يا
گروه جي ويجهو هئڻ جو احساس ٿو ڪرائي.

سنگرو اُي سنسار ۾ توهانجو سچو سنگي آهي. دوست
ناهين ته الهيءَ کي ناه. ماءُ پيءُ ناهين ته انهيءَ کي

کي صاف ستگرو ڪري ٻرهم پد کي پهچائيندو. هو
ڪان وٺندا نظر ڀاي آچن پر هو وٺندا ڪجهه به نه. ڇو
ته هو سڀ ڪجهه ڇڏي پوءِ ئي آ. ستگرو ٿيا آهن. هو
ته تنهنجون تيج دنهوري مهتائون ٿي تو ڪان وٺندا جن
کي اتهالمڪ روپ سان ڪنگال بڻائي ڇڏيو آهي.
ستگرو فدا ڪندو آهي. تون انڪار اصل نه ڪجانءِ.
نه ته تنهنجي پرمارت جو رستو ڏاڍو لمبو ٿي پوندو.
تون ڪيس سهيوگ ڏي، سندن چرنن ۾ ڪري پئو. فدا
ٿي ۽ مالڪ بڻجي وڃ. سر ڏئي سرتاج بڻج. پنهنجي
”مان“ ڪڍي مرشد بڻج. تون پنهنجو تيج ڏئي سندن
سڀ ڪجهه جو مالڪ بڻج. پنهنجي ناسونت کي ڏئي
انهن کان امر ٿيڻ جو امرت وٺ. پنهنجي تيج جيوت
جو تياڳ ڪري شرنو ۾ وشرام ڪر.
تنهنجي چست ۾ جيڪي سک ۽ دک جون اهڙڪا ۽
دولش جون پاونائون جاڳن ٿيون اها چت جي مايا آهي
۽ انهن پاونائن کي اُتار ڀندڙ ساڪشي انهيءَ کان پري
آهي ۽ اهو ئي تنهنجو اصلي سروپ آهي. انهيءَ سروپ
کان ٻاهر نڪري تون پرڪرتيءَ ۾ ڦاٿڪين ٿو ۽ ورتين
کي پاڻ سان جوڙي تون اشانت ٿو ٿين. پر پنهنجي
سروپ ۾ رهندي سڀ ڪجهه ڪندي به تون ڪجهه
نٿو ڪرين. ڇو ته آنند ته تنهنجو سروپ آهي
جهڙيءَ طرح رستي تي اڪيچار سانپ ڪليون، رڪشائون،

سنگرن جو سنڌن حيات هوندي نه سنڌن سنگ
لاءِ وڃن. هو ٽنهنجي اهڙڪار ڪري ڏراشي ٽنهند
شڪ روپ ۾ نڪار آڻيندا. سنڌن جيون ڪال ۾ ڏي اڙ
ڪان پورو پورو فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪر. سنڌن سماڻ
وٺڻ ڪان پوءِ نه نيڪ آهي ڏڪاڻا ۽ مدد ڏهن ڏ
دوڪانداري به هلي ٿي. پر ڏون ڏراشڻي ڪين سکهند
هيٺر نه ٽنهنجي اهم ڪي به هو مار ڀندا. ٽنهنجي، پنهن
پاڻکي پڻ ڪي شرمو سمجهڻ جي غلطيءَ ڪي سڌار
پر پوءِ ڏوکي ڪير سڌاريندو، ٽنهنجي ڪوڙن مڃ
ڪري ڪير ماريندو؟ سنڌن جوڙي جوت سمائڻ ڪا
ڏون ساڻا نه ڪنڌن پر ڏالو ڏيندو ساڻا جو ۽
ڪيليندو ٽنهنجو من. من ڏوکي الجهائيندو جيئن ص
ڪان الجهائيندو آهو اٿيئي.

ڪنهن ڪري مٿي پنهنجو دشمن سمجهندي آه
شلپيءَ (ڏراشيندڙ) کي پٽڻ. جو نه اهي چومت ڏا
ڏک ڏا هٽن. گرو به اهڙيءَ طرح دشمن پاسندو آ
جو ڏ. اهو به ٽنهنجي جسماڻي موه (سواپيمان) ڏي ه
ڏو هٽي پر هو ٽنهنجو دشمن ڪونه آهي. دشمن ا
ڏ به ڏون سندس دامن غلطيءَ سان بـ... نه چڏ ج
ڏهرج ڏاري پنهنجيءَ ساڻا ۾ لڳو رهجانءِ. هو ڏ
ڪنهن (سون) وانگر آپاڻي ڦپائي پنهنجي اُي سو
وانگر پٽائي چڏيندو. ٽنهنجو (سواپيمان) روڀي مٺل ڪ

ڪير تنهنجو آپمان ڪري يا تنهنجي گلا ڪري ته پرواهه نه ڪر. پرماتما جا ٻُورا مَڃ جو تنهنجو اهنڪار ڀڃڻ لاءِ ايشور انهيءَ کي تنهنجي گلا يا بيعزتي ڪرڻ جي پريرڻا ڏني. بيعزتيءَ کان خار نه کاءُ. اهڙي موقعي کي ساڌنا موقعو سمجهه سدائين. ياد ڪر ته نندڪ ۽ اپمان ڪندڙ تنهنجو جيترو ڀلو تو ڪري اوترو تنهنجي ساراهه ڪندڙ به ڪونه ڪندو.

سُک کي مستقبل ۾ ڳولهڻ اجايو آهي. مونکي هيءُ ملندو ته مان سُکي ٿيندس. مان هيترو ڪندس ته مونکي سُک ملندو. اهو سوچڻ بيڪار آهي. هلندڙ وقت ۾ ئي سُک ڳولهڻ سِکُ. جو ته مستقبل ڪڏهن ايندو ئي ڪونه آهي. جيڪڏهن ايندو به ته زمان حال بڻجي.

تون آنند سروپ آهين. توکي ڪير دکي ڪري سگهندو؟ هڪ به نه ..... جڳت جا سڀ ماڻهون گڏجي ۽ ايستائين جو تيٽيهه ڪروڙ ديوتائون به، گڏجي توکي دکي ڪرڻ چاهين ته دکي نٿا ڪري سگهن. جيستائين تون خود دکي ٿيڻ لاءِ تيار نه آهين. ٻاهران دک ۽ سک جون حالتون پيدا ڪري سگهجن ٿيون. پر سکي ۽ دکي ٿيڻ رهڻو تنهنجي ئي وس ۾ آهي. جيستائين تون اندران اجازت نه ڏيندين تيستائين نه تو وٽ سک ايندو ۽ نه وري دک ئي ايندو.

گاڏيون ۽ موٽرون ڏاند گاڏيون هلن ٿيون پر هاڻ اڇا سڙڪ جي آڌار تي نٿي ٿيون. اهڙيءَ ريت ڪنهن جي آتما اچل آهي ۽ انهيءَ تي ورتيون هلن ٿيون. جهڙيءَ ريت سرووَر ۾ لهرون اٿن ٿيون اهڙيءَ طرح ڪنهن جي آتم سروپ ۾ به ورتيون روپي لهرون اٿن ٿيون ۽ سمائجي ٿيون وڃن.

روز مره جي وهنوار ۾ چنتا روپي واڪشيائون پيئي ڏهري. اِها اُنهيءَ کي ٿي ڪاٽي ٿي جن لاءِ هيءَ جڳت سچو آهي. جن کي هيءُ سنسار ٿي هڪ خواب پيو لڳي انهن کي وقت، حالتون ۽ چنتائون ڇا ڪنديون.

هڪ ٿي مندر ۽ هڪ ٿي مسجد ۾ وڃڻ مان ڪهڙو فائدو؟ سچو جڳهه مندر من جي هـل. اهڙي جيوت ڳهار جو جيڪو ڪائين اهو پرساد بڻجي پوي ۽ جيڪو ڳالهائي سا امرت واڻي. جيڪو ڪرڻ سا پوڄا ٿئي ۽ ساڌنا ٿئي ۽ جيڪو سوچڻ سو آتم چنتن.

تو جڏهن سچ جي راه تي قدم رکيو ٿي آهي ته اهو وچار ٿي نه ڪر ته ڪنهن جا دنيوي ڪم پورا ٿيندا يا نه. پر جي ڪجهه اڌورا رهيا به ته ڇا ٿيو؟ آخر سڀ هتي ٿي ته رهڻو آهي. سڀ ڪجهه هتي ڇڏي ٿي هلڻو آهي. اڌورو ته اڌورو آهيئي پر جنهن کي سنساري ماڻهو پورن سمجهي ويٺا آهن، اهو ته اڌورو ئي آهي. پورن ته هڪ پرماتما آهي انهيءَ کي ڄاڻڻ بنا سڀ ڪجهه سمجهڻ به بيڪار آهي.

(جڙ) ڏان پيو ڏڄين! جيترو هوندي به موت کان پيو ڏڄين. امرت جو پيئندڙ هوندي به موت کان پيو ڏڄين.

هي پنج تتو تنهنجا ئي ٺاهيل آهن. ڊپ ۽ جڙتا کي پري ڪر.

ڌن دولت، راڄ ڀاڳ ۽ عزت، شان مان ملڻ ڪانپوءِ به توکي ڇا کپي؟ تون ٻين جي چاپلوسي ڇا لاءِ ٿو ڪرين؟ ٻين ماڻهن کي خوش رکڻ جي پيو ڪوشش ڪرين. ڪنهن جي لاءِ. سماج کي سُٺو لڳي اهڙوئي وهنوار ٿو ڪرين، ڇا لاءِ؟ سک جي لاءِ ئي نه؟ ڇا پوءِ به سک رهيو؟ تنهنجو سک ٽڪي ڪونه ٿو؟ ۽ گيانيءَ جو سک مٽي ڪونه ٿو. ڇو؟ ڇو ته گياني ڏکن کان پري آهي ۽ اسين ڏکن لاءِ پيدا ٿيا.

ڏک ۽ چنتائن کان پري ٿي وڃ. انهن کي پاڻ ڏانهن اچڻ جو نوتو ڏيئي ته هو تو وٽ اچن. ڏس ته سهي ته ڏک ۽ چنتائون آهن ڪٿي، اهي ذهن ڪٿي ٿيون. پوءِ خبر پوندءِ ته اهي ته آهن ئي ڪونه. سڀ رڳو خيال ئي خيال آهي. جيڪو ڪجهه آهي اهو ڏسڻ جي اکين جو دوکو آهي. نظربندي آهي. تون درشٽا آهين. پاڻ کان الڳ سمجهه، پنهنجي گيان درشٽيءَ کان ڪجهه به هيٺ جهڪائڻ ته سمجهه ته ڏک ئي ڏک تو اڳيان بيٺا هوندا. گيان درشٽي آئي ته اڻوڻندڙ به وڻندڙ لڳندو. خراب به سٺو لڳندو. وروڌي به دوست بڻجي پوندا.

منصور کي ماڻهن سوريءَ تي چاڙهيو پر تڏهن به
کيس دکي ڪري نه سگهيا. هو سوريءَ تي به
مشڪندو رهيو.

ڪابه حالت، ڪوبه دک توکان وڏو نه آهي. پوءِ
حالتن کان، دکن کان ۽ پيڙ کان تون ڇو ٿو ڪڙهين؟ ضرورت

تون اسٿر آهين، اچل آهين. باقي پيا سڀ ته پيا
هلن، پيا بدلجن. فلم جو پردو اسٿر آهي پر فلم جا نظارا
بدلجن پيا. باهريون حالتون ڪيتريون به ڀيانڪ لڳن.
دک ڀل پهاڙ لڳن، هر طرف اونده ئي اونده نظر اچي،
ڪوئي رستو نه سجهي ڀل پنهنجا سڀئي مخالفتي
بيٺي پون، سڄو جڳت ڀل تو اڳيان تلوار کڻي بيهي پر
تڏهن به ڊپ نه ڪر. همت رک. ڌيرج ڌار. سڀ تنهنجي
ئي مايا آهي. انهيءَ کي حقيقت نه سمجھ. پنهنجي
نرپيڪش آتم سروپ کي ڌيائي انهن سڀني کي نظر انداز
ڪري ڇڏ. وقت جو بدتر ۽ ڀيانڪ طوفان به اڏامي
ويندو. حالتن ۾ اهڙي ڪهڙي گنڀيرتا آهي جنهنکي
تون هٽائي نٿو سگهين.

هيءَ جڳ تو ئي جوڙيو آهي. تو پنهنجي ئي آنند
لاءِ هيءَ رچنا رچي آهي. اڄ ڏکن جا ڏهڪا تون
پنهنجي پاڻ کي ئي وساري ويٺو آهين. تون پنهنجيءَ
ئي رچنا کان ڇو ٿو ڊڄين. ڊپ ۽ هٻڪ کي ڪڍي ڦٽو
ڪر. سچ ٿي به ڪوڙ کان ڇو ٿو ڊڄين! چيتن ٿي اسٿول

گهندو؟ گيانوان هن سنسار کي حقيقت سمجهڻ جي
ل اصل ڪونہ ڪندا آهن. حقيقت اها آهي تہ جن
مزن کان تون ظاهري طرح نہ گهٻرائين تہ اهي سڀ
درت تنهنجي خوشيءَ ۽ سک لاءِ ناهيون آهن. انهن
ـان اُلٽو ڏجڻ مان ڪهڙو فائدو؟ تنهنجي اگيانتائي
وکي ٻوهي ۾ ٻيٽي وجهي نہ تہ تہ توکي نيچو نوائڻ
ارو ڪو پيدا ٿي ڪونہ ٿيو آهي. ياد رک تہ سنسار
و سرجڻ تنهنجي سک لاءِ ٿي ڪيل آهي. سنسار جو
ڪوبہ پدارٿ حقيقت ۾ توکي ڏک ڏيڻ لاءِ ٺهيو ٿي ڪونهي.

سدائين اهو احساس ڪندو رہ تہ سکن ۽ ڏکن جا
سڪارا ٻئي وسن ٿا اهي مونکي منهنجي سروپ کان
چلت نہ ڪري سگهندا.

هر ڳالهہ تنهنجي سوچڻ مان ٿي اُٿي ٿي. تون جيئن
اڻ لاءِ سوچيندين تيئن ٿي ٿيندين. پاڻ کي پاپي چوندين
ـــ ضرور پاپي بڻجندين. پاڻ کي اگياني سمجهندين تہ
ڪ مورک ٿي ٿيندين. پاڻکي نبل چوندين تہ دنيا ۾
ڪابہ اهڙي شڪتي نہ آهي جيڪا توکي بلوان بڻائي
گهي. پاڻکي سرو شڪتيوان سمجهندين تہ سڀ ٻڌ
پار شڪتيءَ جو مالڪ ٿي پوندين.

راڪشسي وچار پنهنجي من مان چوندي چوندي
ڪيڍي ڦٽا ڪر. پنهنجي آدرش هستيءَ جي ڌيان جي

آنڌي ۽ طوفان نه منهنجو رستو روڪين،
ناهيان آئون انهن مان جي رستي تان موٽن،
سڀئي ارادا موت جا اڄ جيئدان ٻٽي پيا،
ڌاريا پرط اڄ مونکي پنهنجو متر مڃن پيا.

ڪير آهي جو توکي ڏک ڏيندو؟ ڏکن جي ڇا مجال جو توکي ڇهي ۽ سکن، جيسين تون نه چاهين. هن ٻي الت ٻرهمانڊ کي هلائڻ وارو چيتن تون ئي آهين.

अहो निरजनः शान्तो बाघोऽहं प्रकृते परः ।
एहा वन्तमह कालं मोहेनैव विडम्बितः ।।
अहो अहं नमो मह्य निनाशी यस्य नास्ति मे ।
ब्रह्म दिस्तम्ब पर्यन्त जगन्नाशेऽपि तिष्ठतः ।।

مان ٻيڌو هي، شانت، گيان سروپ ۽ پرڪرتيءَ کان پري آهيان. عجب آهي جو پوءِ ٻه موهه هيتري وقت کان مونکي ٺڳيو آهي. ٻرهمانڊ کان وٺي ننڍڙي ڪک تائين، جيڪي سڄي جڳت کي ناس ڪرڻ کانپوءِ منهنجيءَ "مان" کي ناس نٿا ڪري سگهن اهو "مان" ڪهڙو نه عجيب آهيان. منهنجو مونکي نمسڪار.

مان ته آنند جو خزانو آهيان. دک ڇا آهي، سک ڇا آهي، ڏپ ڇا آهي، غم ڇا آهي ۽ چنتا ڇا آهي انهيءَ جي مونکي ڄاڻ نه آهي. مان ته سڀاو کان ئي ٻيڌ پو آهيان. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته مان پاڻ پرميشور آهيان. مونکي ڀلا ڇا جو ڏپ. مونکي ڊيڄاري ٿي ڪير

ا ٻاهر اهي سڀ تنهنجا ئي اُپاءَ آهن. تون ٻنهين جو
راهي آهين.

هي پيارا تنهنجي وراٽ سروپ ۾ سنسار روپي لهرون تنهنجي سڀاو سان اُٿن ۽ چڙهن ٿيون. تنهن ۾ جو نڪو نفعو آهي ۽ نه ئي نقصان ڇو ته انهن کان ن الڳ آهين ئي ڪونه. پوءِ ڪنهن کي گرهڻ ڪرڻ، تنهن سان موهه رکڻ، ڪنهن کان الڳ ڪرڻ وغيره وچار ڪري پريشان ڇو ٿو ٿين.

هن ڪوڙي اندر جار مثل سنسار سان موهه نه ڪر. هي سندر انسان تنهنجو هي استول شرير آخر تائين قائم رهي پوءِ ٻاڙي هيٺئر ئي الهيءَ جو ناس ٿي وڃي، وڪي ڇا جو دپ، تون نه چيتنيه آهين.

اها پڪ ڄاڻ ته هن سنسار روپي ساگر ۾ رهندو تون ئي ٿيو آهين تون ئي آهين ۽ اڳتي به تون ئي رهندين. تنهنجو نه ٻنڌن آهي نه مڪتي. اهو ويچاري سکي ره.

هي چيتنيه روپ! سنڪلپ ۽ وڪلپ سان پنهنجي چت کي دکي نه ڪر. من کي شانت ڪري پنهنجي آنند ميه سروپ ۾ مست ره.

برهم درشٽيءَ کي ڇڏي ٻيءَ ڪنهن به ڀاونا سان ڪنهن به شيءِ کي نه ڏس. جيڪڏهن ائين نه ڪندين ته انياءُ ۽ ٻرو ئي ٻرو ڏسڻ ۾ ايندءِ.

ٻڌ رکو اسانجي خيالن جي اُپج آهي.

پيرن ۾ ئي پٺي ڦٽي ڪري پوءِ تنهنجو آنند روپ اٿاهه ساگر ۾ لهرون هڻندو نظر ايندو.

ڇا توکي پنهنجي برهم تتو هجڻ ۾ شڪ يا گمان آهي؟ پنهنجي من ۾ اهڙي شڪ ۽ شنڪا ڪرڻ کان پنهنجو پاڻکي بندوق جي گولي هڻڻ وڌيڪ بهتر آهي.

گنڀير کان گنڀير تڪليفن ۾ به پنهنجو مانسڪ سنتلن نه وڃاءِ. نيچ ۽ اگياني لوڪ تو لاءِ ڇا ٿا چون انهيءَ جي تون پرواهه نه ڪر.

جيڪڏهن توکي سنساري لوڀ ۽ ڌمڪيون نه لوڏائين ته تون ضرور سڄي سنسارکي ئي لوڏائي ڇڏيندين انهيءَ ۾ جيڪو به شڪ ٿو ڪري اهو ڪافر آهي.

منهنجا مانسڪ شڀ ۽ اشڀ ڪرم ڪي به نه آهن. نه شاريرڪ شڀ ۽ اشڀ ڪرم منهنجا آهن ۽ نه وري زبان (واچڪ) جا شڀ ۽ اشڀ ڪرم منهنجا آهن. مان ته پنهنجي سڀاو کان ئي نراڪار هر هنڌ حاضر آتما آهيان. مان ته اوناشي انمت شڌ ۽ وگيان سروپ آهيان مونکي نه اها ڄاڻ ئي ڪانه آهي ته سک ۽ دک ڇا کي چئبو آهي ۽ ڪنهن کي ٿيندو آهي.

سپني ۾ جيڪي وڻندڙ ۽ من موهيندڙ واقعا ٿين ٿا ته اُهي تنهنجا وچار آهن ۽ جيڪي ڀيانڪ ۽ ڊيڄاريندڙ نظارا آهن اهي تنهنجا ڪرتوت آهن. بلڪ اهڙيءَ ريت سنسار ۾ من موهيندڙ واقعا هجن يا اُپدائن

ويدانت جو مت آهي ته اسين ٻنڌڻن ۾ ٻڌل نه آهيون. اسان ته سدائين مڪت آهيون. اهڙو ئي نه ٻالڪ اهو سوچڻ ته اسين ٻڌل آهيون، انڌڪار آهي، ڀرم آهي. جيئن ئي تو چيو ته مان ٻنڌڻن ۾ ٻڌل آهيان نبل آهيان، بي سهاري آهيان تيئن ئي تنهنجي بدنصيبي شروع ٿي ويندي.

انهيءَ ڪري اهڙي ڳالهه ڪڏهن نه چئجانءِ ۽ نه وري اهڙيءَ طرح سوچجانءِ.

ودوانن، فيلسوفن، پرڪاش پنڊتن جون ٽمڪيون ۽ ونڌيون، آلوچنائون ۽ رضامنديون، برهم گيانيءَ لئي ڪوبه اثر نٿيون ڪن.

ٻئي جو ڀلو (پَرِهتُ) ڪرڻ لاءِ ٿورو به ڪم ڪرڻ سان تنهنجون اندر جون شڪتيون جاڳن ٿيون. ٻين جي ڪلياڻ ڪرڻ جو ويچار سان ئي هردي ۾ شينهن وانگر ٻل اچي ٿو وڃي.

جيڪو اجايو وقت نٿو وڃائي، بيمطلب ۽ فالتو ڳالهيون نٿو ڪري، ڪسنگ کان پري آهي، اهڙي ڀاڳيوان اِنسان کي جي تتو گياني گرو ملي وڃي ته سمجهه ته سندس آخري جنم آهي. مورکن جي ڪلپنائن ۽ جڳت جي شين کي لوڪ جيترو سچ ٿا سمجهن اوترو جيڪڏهن مهاپرشن جي وچنن کي سچ مڃين ته پوءِ اهڙو ڪير آهي جيڪو مڪت نه ٿي وڃي! اهڙي

هيءَ سڀ پرپنچ، هيءَ سڀ جهميلا اسانجا خيال آهن. اسانجون ڪلپنائون آهن. پوءِ ڀلا اسين ڪنهن کان ڀڄون ۽ ڪنهن جي اڇا ڪريون.

سدائين شينهن وانگر بيڌڙڪ ٿي رهه. ڪڏهن به ڪنهن کان به نه ڀڄ.

ويدانت مطابق هيءَ سڄو سنسار تنهنجو ئي اُپايل آهي - تنهنجو ئي سنڪلپ آهي. پوءِ ڀلا تون پنهنجو پاڻ کي ڏٻرو هين ۽ پاپي ڇو ٿو سمجهين؟ ڇو نه پاڻ کي بيڌڙڪ سورهيه ۽ پرماتما جو اوتار ٿو سمجهين؟

هر طرح جو دک، چنتا، غم بس ڀرم آهن. جڏهن دک جي ڳالهه تنهنجي اگيان اچي ته ڀرم سمجهي ٽاري ڇڏ.

ڀؤ ۽ گمان ئي تنهنجيءَ مصيبت جا سبب آهن. ڪنهن به ڳالهه کان وچلت نه ٿيءُ ۽ نه وري عجب کاءُ. اگيانين ۽ مورکن جي وچن کان ــــ ٽوڪي ڀڄڻ جي ضرورت نه آهي.

پرماتما جي شانتيءَ ۾ وگهن وجهڻ جي ڀلا ڪنهن ۾ طاقت آهي؟ جيڪڏهن تون سچ پچ پرميشور آهين ته پوءِ ڀلا سڄو جڳ اونڌو ٿي ٽنگجي پوي پر تنهنجي شانتي ڪڏهن به ڀنگ نه ٿيندي.

گهڻين کان گهڻين تڪليفن ۾ به پنهنجو دماغي توازن وڃائڻ جي ضرورت نه آهي. معمولي ابوجهه جيڪر تنهنجي خلاف ڇا ڇا چون، انهيءَ جي ڪا پرواهه نه ڪر.

پوتر وچارن کي ڏورو پڙهندو وڃ. ڪنهن نديءَ ڪناري، ڪنهن درياهه جي ڪپر تي جتي به ايڪانت هجي اتي چهل قدمي ڪر. جڏهن توکي موقعو ملي کليل جڳهه ۾ قدرت جي سندر ۽ شانت واتاورڻ ۾ ويندو ره. اتي گهمُ، نچ ٽپ، ڳاءِ ٽپا ڏي وهه وري اُٿ. هن پاون پستڪ سان جيئين تنهنجو ساڪشاتڪار نئو ٿئي تيئين پاٺ سان ساڻ رک ۽ هنن وچارن ۾ لين ٿي وڃ. پوءِ ڏس ته سنسار جون پريشانيون، لوڪن جو مهاچار، دشمن جي نندا ۽ ڌمڪيون، مترن جو موهه ..... ممتا. سنتانن جون ڌمڪيون ۽ هر طرح جون پريشانيون تو وٽان ڪوچ ڪن ٿيون يا نه؟ جيڪڏهن نٿيون ته تون ته ٻون سان ملو.

صبح سويري اٿڻ کان اڳواٽ سنان ڪجي، تنهن کان پوءِ ١٠-١٥ منٽ پراڻايام ڪجي ۽ پوءِ اونڪار جي پوتر ڌونيءَ کي گونججڻ ڏيو. اکيون اڌ کليون رکي اُڀرندڙ سج ڏانهن پريم سان نهار. تنهنجي اندر ۾ گيان... سورج اُڀرندو محسوس ٿيندو. آڪاش ۾ سورج ديوتا اُڀرندو هوندو ته تنهنجي چت روپي آڪاش ۾ چيتنيه اُڀري رهيو آهي.

ॐ آنند! ॐ آنند! ॐ آنند! مستيءَ ۾ لين ٿي هن پوتر پستڪ جا ڪجهه جملا پڙهندو ره ..... وري وچارن ۾ گم ٿي وڃ. وري پڙهه ۽ وري من کي انهن

ڪهڙي مڪتي آهي جيڪا سندس هٿن ۾ نه هجي!

لوڪ جيترو ڏسڻو هجو، جيترو ٻولڻو هجو، جيترو ٻڌڻو هجو ۽ جيترو گهمڻو هجو ۽ جيترو سکڻو هجو اوترو تون ڪري چڪين. هيئنر جنهن سان ڳالهايو آهي، جنهن سان ٻڌو آهي ۽ سمجهيو آهي انهيءَ ۾ لين ٿيڻ تنهنجو فرض آهي. اها ئي تنهنجي عقلمندي آهي، ورنا جڳت جو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ نه ختم ٿي نه ٿيندو، پنهنجا ئي ختم ٿي ويندا. انهيءَ ڪري ڪرپا ڪري ٿورو ويهه! ها ويهي وڃ...... گهڻوئي ٿي گذريو...... ٻڪڙڻ بند ڪر. ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ گهمڻ کي ٻنجو ڏي.

لين ٿي وڃ...... ها، لين ٿي وڃ. پنهنجي نج سروپ ۾ لين ٿي وڃ. تون اهوئي آهين...... بلڪل اهوئي سمجهه، نه تون اهوئي آهين...... تون اهوئي آهين – اوم اوم...... اوم. واه سائين واه!

ॐ آنند! ॐ آنند!! ॐ آنند!!!

اياڻو انسان ڀلي انهن وچارن کان ڊڄي، انهن وچارن کي پنهنجي هردي ۾ جڳهه نه ڏئي پر هن ڪلياڻڪاري شد ۽ منگل ڪاري وچارن کي ڪو نه سياڻو پڙهندو ۽ انهيءَ آتم رس ۾ ٻڏي ڏسندو جنهن سان سڀ ڏسجي ٿو، سڀ ٻڌجي ٿو ۽ سڀ سمجهجي ٿو. سدائين ٻاهر مک رهڻ آهي پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيڻ.

صبح جو سويل اٿي ستر لاءِ نڪري وڃ ۽ هن

پريم جو سبق ڪير پڙهائيندو. تون پريم سروپ ۾ ٻڏي وڃ. اهوئي آهي آنند روپي ساگر ۾ ٻڏڻ جو رستو... ٻڏي وڃ..... ٻڏي وڃ..... ٻڏي وڃ.

همت ڪر، صبر نه ڇڏ. هزارين دفعا ناڪامياب ٿيڻ ڪانپوءِ به هڪ قدم اڳتي وڌاءِ.....وري وک وڌاءِ. وري وک وڌاءِ. سڦلتا ضرور ملندي. شنڪا ۽ گمان اصل دل مان ڪڍي ڇڏ.

ڄڻ وهڪارن سان ۽ ڄڻ ڪرمن سان تنهنجي من جي چنچلتا، تنهنجي دل جو ڀؤ ۽ اشانتي وڌي ٿي انهن وهڪارن کي وه (زهر) وانگر ڪڍي ڦٽو ڪر ۽ پنهنجي وچ ڪنهن سمچت، شانت سروپ، پريم مورت نردوند، نرامي، سروپ ۾ مست رهندڙ ڪنهن فقير جي چرڻن ۾. اتي جيڪو سهيوگ ۽ سهڪار توکي ملندو انهن جي رحم جي نظر سان ملندو. اهو نه چانڊوڻ ورت رکڻ سان ملندو ۽ نه وري گنگا جي اشنان سان. ڪاشي ۽ مڪو مدينو ۽ ٻين تيرٿن گهمڻ سان به توکي اهڙو فائدو ڪونه ملندو جيترو توکي آتم گياني مهاپرش جي ٿوري درشن پوڻ سان حاصل ٿيندو. پوءِ ته تون مستيءَ ۾ مست ٿي چوندين ته

ڪر ستسنگ هاڻي تون پيارا
نه ته ڏاڍو پڇتائيندين
طعام کائي جا ٿو ڏينهن وڃائين

خيالن ۾ ٻڌڻ ڏي. اهڙو آدر سان شرڌا سان، سک سان اڀياس ڪندو رهه. سڀئي پريشانيون کان ڇٽڻ جي هيءَ سندر ۾ سندر ڪنجي آهي.

سدائين شانت رهه. ماٺ جو مزو وٺ. گهٽ ۾ گهٽ دوست ناهه. ٿوري ۾ ٿوري سنسار جي ڄاڻ رک ۽ گهڻي ۾ گهڻو آتم گيان جي وچارن سان ڀمڀجي دل ۽ دماغ کي ڀري ڇڏ. ڀري ڇڏ بابا...... ڀري ڇڏ.

ڪافي وقت گذري چڪو آهي. ٿون ڪافي ڄاڻيون چڪو آهين. ڪافي ٻڌي ڏسي ۽ پڙهي به چڪو آهين.

ॐ شانتي........شانتي .... شانتي !

مونکي ويد پراڻ قرآن سان ڇا،
مونکي سچ جو سبق سيکاري ڪوئي.
مونکي مندر مسجد وڃڻو نه آهي.
مون ۾ پريم جو رنگ لڳائي ڪوئي.
جتي ننڍي وڏي ۾ فرق نه آ.
جتي ذات پات جو فرق نه آ.
جتي مندر مسجد چرچ نه آ.
جتي پوڄا ۽ نماز ۾ فرق نه آ.
جتي سچ ئي سار آ جيوت جو.
جيون سينگار آ تياڳ جو.
جتي پريم آ پريم جي سرشٽي آ.
هل ٻيڙي ڪٿي ملاح اتي.

-: قدرتي علاج :-

* ليمي مان فائدا *

١- مڇر ڀڄائڻ لاءِ :-

ليمي جي سڪل کلن ۽ گنڌڪ جي ڌوپ ڏيڻ سان مڇر ڀڄي ويندا.

٢- وايو شڌيءَ لاءِ :-

ليمي جي سڪل کلن جو چورڻ باهه تي وجهڻ سان هوا سگنڌي ۽ شڌ ٿئي ٿي.

٣- ڏندن ڦوڙين لاءِ ملم :-

ليمي، نم ۽ ٻٻر جي ٻڻن کي ساڙي چورڻ ڪري مٺي تيل ۾ ملائي ڏندن ڦوڙڙن تي لڳايو.

٤- سنان ۾ :-

سنان جي پاڻيءَ ۾ لوڻ ۽ ليمي جو رس ملائي سنان ڪرڻ سان چمڙيءَ جو رنگ صاف ٿئي ٿو ۽ انيڪ چمڙيءَ جا روڳ دور ٿين ٿا.

٥- وڇونءَ جي ڏنگ تي :-

ليمي جي ٻج ۽ سينڌو لوڻ ٻنهي کي پيسي پيئارڻ سان وڇون جو زهر شانت ٿي وڃي ٿو.

٦- پيٽ وڌڻ :-

منجهند ۽ رات جي ڀوڄن کائڻ کانپوءِ اڌ ڇٽانڪ ليمي جو رس پيئڻ سان موٽاپو دور ٿئي ٿو.

سا ٻـــ چتا ۾ جــلائيندئـــن
ڪر ستسنگ هاڻي تـــون پيارا.

هت ٿـي رهندءِ مـــال خزانو
ساٿ نـــه هلندءِ هڪ ڪوڏي
بـــس رهندو تنهنجو افسانـــو
بـــاقـي خاڪ مـــلائيندي
ڪر ستسنگ هاڻي تـــون پيارا.

نام مست کو مال مست ۽ جام مست پڻ آ ڪوئي.
پل پل آ جو رام مست، تـون ٻـڌ مستانو سو ٿـي.
نام مست کي مليو نه ناتو، مال مست کي مليو نه مال.
جسم مست کـي جسم مليو نـــا، مليو اُنس جنجال.
نام ديواني کـــي پــر آ هـــي مليو رام جـــو نام.
رام نام جي اڳيان هن لاءِ ڦڪا آهـــن سـڀ طعام.

ڇو نيڪ آهي نه؟ ڪندين نه همت؟ ڪمر ڪشيندين نه ؟ ٻلوان ٿيندين نه......؟ آخرين سچ ٿانئين پهچندين نـــه؟ اُٿ اُٿ......شاباس......همت ڪر، منزل ويجهو آهي. منزل پــري ڪونه آهي. هيءَ ڳالهه اوکڙي ضرور آهي. جلدي سمجهه ۾ به ڪونه ايندي. پر ڀاڳيه واڪيه يا سڪڻو وانگر کو مهاپرش ملي وڃي ۽ سمجهه ۾ اچي وڃي نه جيون جي سڄي کٽ پٽ ئي ختم ٿي ويندي.

ॐ آنند ॐ آنند ॐ آنند .

ٻچن

ٻڌو ٿم اچن ٿا ٻارن ٻرم وارا،
اچن ٿا اچن ٿا اوڃن جي مان آهيان،
سنڀاليم ٿي جن کي هردي جي منجهارا....

١- ٻڌم ڳالهه جڏهن ٻارن جي اچڻ جي،
ٽڏهن کان اندر ۾ خوشين جا خمارا..

٢- ٻارن جي اچڻ جي ڏني جنهن خبر آ،
گهوريان موتي تن تان هيرن جا هنبارا..

٣- چڙهي جنهن گاڏيءَ ۾ ٻارن مون ڏي ايندا،
چمان تنهن گاڏيءَ جا ڦيٿا ڦرڻ وارا...

٤- پيرم ڌوڙ واريون خوشيون ٿي ملايان،
لڌي سار جوڳين نانگ پنهنجو جاڳي،
هيس ڪين لائق ٻالڪن ٿي پانيان...

٥- هزارين انهن جا مٿان موتي ٿورا،
سگهان ڪين لاهي نمي سر نمايان...

٦- هلو ٻارڙي گڏجي گهرن کي وڃڻ لاءِ،
وڃن ٻگل باجا ڪنجيون مان وڄايان....

٧- هليا هوت سنڌري شهر کان گهمڻ لاءِ،
ڪهي "ٽنڊون" هي ٽي اگڙ منهنجي آيا،
سرتيون اڄ مان پنهنجا پلا پاڳ پانيان...

ڀڄن

وساري ٻالڪي وٺين سڌائي هٿ ساري
پريم ڪان تنهن سچ ٻاسي + جڳت جوڙ هي ساري
جڳت رچ ۾ رکيو ڇا ٿئي ٻليل ٻنڪي نه اڄ لاهي
ڏس ڏس جنهن ڏسي ڏهي + ڏڄين نه موڙ مت ماري
نيارو آهي نت نيهي + مڇي پيو ٻالڪي ڏيهي
پسڻ جي ٻاڻ ۾ ٻنهي + سندس چانباڻ چوڌاري
نڪي مايا نهائي ٿي + ڪنهن مثل نه ٻاهي ٿي
سڀني ذڙ ڪان نه لاهي ٿي + ٻڌائي سا چاڻ گينواري
گروه ڪي گگن ڏيائي - وڃن وهدن جي دل لاهي
پرو مڪتي وري ٻائي + مٺي اگيان اندڪاري
رين سان گڏ ڇري گهاري ڪري ٻي ٻي تو ٻاڪاري
ٻڌجي شهر جي ناري لڌر ٿيو آهي ٻهاڙي